# اطاعتِ مُصطفيٰ صلى الله تعالىٰ عليه وآله وسلم

هفتيوار سُنّتن ڀريي اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

سُنّتن ڀريو بيان



اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# اطاعتِ مُصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله    وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله    وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ

(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي نفلي اعتڪاف جي نيّت ڪري وٺندا ڪريو، جيستائين مسجد ۾ رهندؤ نفلي اعتڪاف جو ثواب حاصل ٿيندو رهندو ۽ ضمنًا مسجد ۾ ڪائڻ پيئڻ بہ جائز ٿي ويندو.

## دُرودِ پاڪ جي فضيلت

سَرڪار مدينہ، راحتِ قلب و سينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عاليشان آهي: مَنْ صَلَّى عَلَيَّ فِيْ يَوْمٍ اَلْفَ مَرَّةٍ لَمْ يَمُتْ حَتّٰى يَرٰى مَقْعَدَهٗ مِنَ الْجَنَّةِ، يعني جيڪو مون تي هڪ ڏينهن ۾ هڪ هزار (1000) ڀيرا دُرُود شريف پڙهندو، اُهو ان وقت تائين نہ مرندو، جيستائين جنت ۾ پنهنجو مقام نہ ڏسي وٺي.“

( الترغيب والترهيب، كتاب الذكر والدعاء ،الترغيب فى اكثارالصلاة على النبى،٢/ ٣٢٦، حديث: ٢٥٩٠)



www.dawateislami.net

وہ تو نہایت سَستا سودا بیچ رہے ہیں جَنَّت کا
ہم مُفلِس کیا مول چُکائیں اپنا ہاتھ ہی خالی ہے

(حدائقِ بخشش ،ص١٨٦)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نِيّتون ڪري وٺون ٿا.

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم: "نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ" يعني مسلمان جي نِيّت ان جي عمل کان بهتر آهي. (المعجم الكبير،سهل بن الساعدي...الخ ج 6، ص 185، الحديث: 5942)

**ٻہ مدني گُل:** (1) بغير سٺي نيّت جي ڪنهن بہ نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو.

(2) جيتريون سٺيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب بہ وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

❁ نگاهون جهڪائي پوري توجهه سان بيان ٻڌندس ❁ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وڇائي ويهندس ❁ ضرورت پوڻ تي ٻين جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندس ❁ ڌِڪو وغيره لڳو تہ صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ ۽ اَتڪڻ کان بچندس ❁ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذْكُرُوالله, تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❁ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد



www.dawateislami.net

## بيان ڪرڻ جون نِيّتون

آئون بہ نِيّت ڪريان ٿو ❁ اللّٰہ جي رِضا حاصل ڪرڻ ۽ ثواب حاصل ڪرڻ جي لاءِ بيان ڪندس ❁ ڏسي بيان ڪندس ❁ سيپاري 14 **سورة النحل** آيت نمبر 125: اُدْعُ اِلٰى سَبِيْلِ رَبِّكَ بِا لْحِكْمَةِ وَ الْمَوْ عِظَةِ الْحَسَنَةِ "ترجمو ڪنزالايمان: پنهنجي ربّ جي واٽ جي طرف سڏ پڪي سمجھ ۽ چڱي نصيحت سان" ۽ بخاري شريف (حديث:4361) جي هن فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: بَلِّغُوْا عَنِّيْ وَلَوْ آيَة يعني "منهنجي طرفان پهچايو جيتوڻيڪ هڪ ئي آيت هجي" ۾ ڏنل احڪام جي پيروي ڪندس ❁ نيڪي جو حڪم ڏيندس ۽ بُرائي کان منع ڪندس ❁ شعر پڙهڻ، عربي، انگريزي ۽ ڏکيا لفظ ڳالهائڻ دؤران دل جي اخلاص تي توجُّھ رکندس يعني پنهنجي علميت جو ڌاڪو ويهارڻ مقصود ٿيو تہ ڳالهائڻ کان بچندس ❁ مَدَني قافلي، مَدَني انعامات ۽ علاقائي دوره براءِ نيڪي جي دعوت وغيره جي رغبت ڏياريندس ❁ ٺهڪ ڏيڻ ۽ ڏيارڻ کان بچندس ❁ نظر جي حفاظت بڻائڻ جي خاطر حتي الامڪان نگاهون جهڪائي رکندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## سَون جي منڊي نہ ڪنئي

حضرت سَيِدُنا عبدُاللّٰہ بن عباس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا کان روايت آهي تہ رَسُوْلُ اللّٰہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن هڪ شَخص جي هٿ ۾ سَون جي منڊي ڏٺي. پاڻ ان جي هٿ مان لاهي ڪري اڇلائي ڇڏي ۽ فرمايائون: "ڇا توهان مان ڪو هي چاهي ٿو تہ باھ جو ٽانڊو پنهنجي هٿ ۾ رکي؟" جڏهن رَسُوْلُ اللّٰہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم



www.dawateislami.net

تشريف وٺي وياء تہ ماڻهن ان شَخص کي چيو: تون پنهنجي منڊي کڻي وٺ ۽ ان کي (وڪرو ڪري) ان مان فائدو حاصل ڪر. ان جواب ڏنو: نہ! جڏهن رَسُوْلُ اللّٰہ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ان کي اڇلائي ڇڏيو آهي، تہ اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ جي قسم! آئون ان کي ڪڏهن نہ کڻندس.

(مشكاة المصابيح، كتاب الباس، باب الخاتم ، الحديث:٤٣٨٥، ج٢ ،ص١٢٣)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! توهان ڏٺو تہ صحابہء ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان، نبي ڪريم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا ڪيتري قدر مُطيع ۽ فرمانبردار هئا جو جيڪڏهن اهي صحابي رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ چاهين ها تہ منڊي کڻي ڪري پنهنجي اِستعمال ۾ آڻي سگهيا ٿي، پر اِطاعتِ رسول جي ڪامل جَذبي هي گوارا نہ ڪيو تہ جنهن شيء کي رسولِ خُدا صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ناپسند فرمائي ڪري پَري اڇلائي ڇڏيو، ان کي ٻيهر هٿ لڳائن. يقيناً هر مُسلمان کي صحابہء ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان وانگر نبي ڪريم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو اِطاعت گُذار هئڻ گهرجي، جن شين کان حُضُور صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن منع فرمائي ڇڏيو، ان کان بچندا رهون ۽ جن جو حڪم اِرْشاد فرمايو آهي، هميشہ ان جي پابندي ڪندا رهون، ڇو جو مُسلمانن تي اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي رسول صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اِطاعت واجب آهي، جيئن تہ سيپاري 9 سُوْرَةُ الْاَنْفَال آيت نمبر1 فرمانِ باري تَعَالٰی آهي:

وَ اَطِيْعُوا اللّٰهَ وَ رَسُوْلَهٗۤ اِنْ كُنْتُمْ مُّؤْمِنِيْنَ ۝

ترجَموڪنزالايمان: ۽ اللّٰہ ۽ رسول جو حڪم مڃو جيڪڏهن ايمان رکو ٿا.

حڪيمُ الاُمَّت حضرت مُفْتِي احمد يار خان رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا: اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي رسول صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اِطاعت ۾ فرق هي آهي تہ رَبّ تَعَاليٰ جي اِطاعت صِرف ان جي ڏنل حڪم ۾ ٿيندي، ان جي ڪمن ۾ اِطاعت نٿي ٿي



www.dawateislami.net

سگهي، پر حُضُور عَلَيۡهِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام جي اِطاعت ٽن (3) شين ۾ ڪئي ويندي. حُضُور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ڪيل ڪمن ۾، بيان ڪيل فَرمانن ۾ ۽ پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سامهون جيڪو ڪم ٿيو ۽ حُضُور عَلَيۡهِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام جن منع نہ فرمايو، ان ۾ بہ اِطاعت ڪئي ويندي. يعني مُصۡطَفٰي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جيڪو فرمائي ڇڏيو، ان ڪي مڃو، حُضُور عَلَيۡهِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام جن جيڪو ڪجھ خُود ڪري ڏيکاريو ان ڪي بہ مڃو! ۽ جيڪو ڪنهن ڪي ڪندي ڏٺو ۽ منع نہ فرمايو ان ڪي بہ مڃو! مزيد فرمائن ٿا: رَسُوۡلُ الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اِطاعت جو حڪم فرمائڻ مان هي نہ سمجهيو وڃي تہ جيڪڏهن حُضُور عَلَيۡهِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام جي اِطاعت نہ ڪئي وڃي تہ اُنهن جو ڪجھ نُقۡصان ٿيندو، اهي تہ پنهنجو فرضِ تبليغ اَدا فرمائي چڪا، هاڻي نہ مڃڻ ۽ اطاعتِ مُصۡطَفٰي نہ ڪرڻ جو وَبال تو تي آهي. (شانِ حبيب الرحمان، ص٦٦، ملخصاً، ملتقطاً)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! الله عَزَّوَجَلَّ جن انسانن کي زِندگي گُذارڻ ۽ دُنيا ۽ آخرت جي ڪاميابي حاصل ڪرڻ جي لاءِ پنهنجي ۽ پنهنجي حبيب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اِطاعت ۽ فرمانبرداري جوحڪم ڏنو آهي ۽ گڏوگڏ هي اِخۡتيار بہ ڏنو آهي تہ اَحڪامِ اِلٰهي تي عمل ڪندي ان جا مُطيع ۽ فرمانبردار ٻانها بڻجي ڪري چاهيو تہ جنّت جي اَبَدي نعمتن مان مزو ماڻيو يا ان جي نافرماني جا مُرتڪب ٿي ڪري جهنّم جا حَقۡدار بڻجو. تنهنڪري دُنيا ۽ آخرت ۾ سُرخرو (ڪامياب) ٿيڻ جي لاءِ سَرڪار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پاڪيزه ڪردار کي اپنائڻ ئي ۾ عافيت آهي، ڇو جو سَرڪار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مُبارَڪ زِندگي اسان جي لاءِ بهترين نمونو آهي. جيئن تہ سيپاري 21، سُوۡرَۃُ الۡاَحۡزَاب آيت 21 ۾ اِرۡشاد ٿئي ٿو .



www.dawateislami.net

لَقَدۡ كَانَ لَكُمۡ فِىۡ رَسُوۡلِ اللّٰهِ اُسۡوَةٌ حَسَنَةٌ

تَرجَموڪنزالايمان: بيشڪ توهان جي لاءِ رَسُولُ اللّٰه جي پيروي بهتر آهي.

مُفَسّرِشهير، حڪيمُ الْاُمَّت حضرت مُفتيِ احمد يار خان رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه تفسير ”نُورُالۡعِرۡفان“ ۾ ان آيت جي تحت فرمائن ٿا: معلوم ٿيو تہ حُضُور (صَلَّى اللّٰه تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جي مبارڪ زِندگي اسان سيني اِنسانن جي لاءِ بهترين نمونو آهي، جنهن ۾ زِندگي جو ڪو شُعبو باقي نہ ٿو رهي ۽ هي بہ مطلب ٿي سگهي ٿو تہ رَبّ (تَعَالٰی) حُضُور (صَلَّى اللّٰه تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جي زِندگي شريف کي پنهنجي قُدرت جو نمونو بڻايو. ڪاريگر، نموني تي پنهنجو پورو صَنعَت جو زور لڳائي ڇڏيندو آهي. معلوم ٿيو تہ ڪامياب زِندگي اها آهي جيڪا اُنهن جي نَقشِ قدم تي هجي، جيڪڏهن اسان جو جيئڻ، مرڻ، سمهڻ، جاڳڻ حُضُور (صَلَّى اللّٰه تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جي نَقشِ قدم تي ٿي وڃي تہ هي سڀ ڪم عبادت بڻجي وڃن. (نور العرفان، پ٢١، الاحزاب، تحت الآية:٢١، ص٦٧١)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو تہ نبي پاڪ، صاحبِ لَوۡلاڪ صَلَّى اللّٰه تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي حياتِ مُبارَڪ اسان جي لاءِ مَشۡعلِ راهہ آهي، تنهنڪري مُسلمان ۽ سچي غُلام هئڻ جي ناطي اسان تي لازِم هي آهي تہ تمام مُعاملن ۾ نبي ڪريم صَلَّى اللّٰه تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اِطاعت ۽ پيروي ڪريون ۽ سندن صَلَّى اللّٰه تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سُنّتن تي مضبوطي سان عمل ڪندي زندگي گذاريون تہ اهو ئي اسان جي نَجات جو ذريعو آهي. انهي متعلق بہ (2) فرامينِ مُصۡطَفٰي سماعت فرمايو:

1. مَنۡ اَطَاعَنِىۡ دَخَلَ الۡجَنَّةَ وَمَنۡ عَصَانِىۡ فَقَدۡ اَبٰى، يعني جنهن منهنجو حڪم مڃيو، اهو جنَّت ۾ داخل ٿي ويو ۽ جنهن منهنجي نافرماني ڪئي اهو اِنڪار ڪرڻ



www.dawateislami.net

وارو تي ويو. (بخاري، ۴/۴۹۹، حديث:۷۲۸۰ )

2. توهان مان ڪو ان وَقت تائين (ڪامل) مؤمن نہ ٿو ٿي سگهي، جيستائين جو ان جي خواهش منهنجي آندل جي تابع نہ ٿي وڃي.

(مشكاة المصابيح، كتاب الايمان، باب الاعتصام...الخ، ج۱، ص۵۴، الحديث:۱٦٧)

تنهنڪري اسان کي گهرجي تہ پنهنجي پياري آقا صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اَقوال، اَفعال، اَخلاق ۽ عادات جو بغور مُطالعو ڪري پنهنجي زِندگي سَرڪار صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اِطاعت ۽ حُضُور صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سُنَّتن تي عمل ڪندي گُذاريون. مُفسرِ شهير، حڪيمُ الاُمَّت مُفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه اِطاعتِ خُدا ۽ اِطاعتِ مُصَطَفٰي جي اَهَميت بيان ڪندي فرمائن ٿا: انسان کي قُدرت ٻن قسمن جا عضوا ڏنا آهن، هڪڙا ظاهري ۽ ٻيا پوشيده (لِڪيل). ظاهري عُضوا تہ صُورت چهرو، اک، نڪ، ڪن وغيره آهن ۽ پوشيده عُضوا دل، دماغ، جگر وغيره آهن. مُسلمان ڪامل اِيمان وارو تڏهن ٿي سگهي ٿو جو صُورت ۾ بہ مُسلمان هجي ۽ دل سان بہ، يعني اسلام جو ان تي اهڙو رنگ چڙهي تہ صُورت ۽ سيرت ٻنهي کي رنگي ڇڏي، دل ۾ الله تَعَالٰی ۽ رَسُوْلُ الله صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اِطاعت جو جذبو موجون ماري رهيو هجي، ان ۾ ايمان جي شمع روشن هجي ۽ صُورت اهڙي هجي جو الله عَزَّوَجَلَّ! جي محبوب صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي پسند هجي يعني مُسَلمان جهڙي هجي. جيڪڏهن دل ۾ ايمان آهي پر صُورت غير مُسلم جهڙي آهي تہ سمجهي وٺو تہ اسلام ۾ پورا داخل نہ ٿيا آهيو، سيرت بہ چڱي بڻايو ۽ صُورت بہ.

اسلامي شڪل ۽ اسلامي لباس ۾ گهڻا فائدا آهن (۱) گورنمنٽ هزارين محڪما بڻائي ڇڏيا آهن، ريلوي، ڊاڪ خانو (ٽپال گهر)، پوليس، فوج ۽



www.dawateislami.net

ڪچهري (عدالت) وغيره ۾ هر محڪمي جي لاءِ وردي عليحده عليحده مقرر ڪري ڇڏي ته جيڪڏهن لکن ماڻهن ۾ ڪنهن محڪمي جو ماڻهو بيٺل هجي ته پَري کان پڌرو هجي، جيڪڏهن ڪو سَرڪاري نوڪر پنهنجي ڊيوٽي جي وقت پنهنجي وردي ۾ نه هجي ته ان تي جرمانو ٿئي ٿو، جيڪڏهن بار بار چوڻ تي نه مڃي ته فارغ ڪيو ويندو آهي، اهڙي طرح اسان به محڪمهء اسلام ۾ سلطنتِ مُصطَفوي ۾ حڪومتِ الٰهيه جا نوڪر آهيون، اسان جي لاءِ عليحده شڪل مقرر ڪئي وئي جو جيڪڏهن لکن ڪافرن جي وچ ۾ بيٺل هجون ته پَڌرا هجون ته مصطفيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام جو غلام اهو بيٺل آهي، جيڪڏهن اسان پنهنجي وردي ڇڏي ڏني ته اسان به سزا جا مُسۡتَحِق (حقدار) ٿينداسين .

(٢) قدرت انسان جي ظاهري صورت ۾ دل ۾ اهڙو رشتو رکيو آهي جو هر هڪ جو ٻي تي اثر پوندو آهي، جيڪڏهن توهان جو دل غمگين آهي ته چهري تي اُداسي نُمايان ٿيندي آهي ۾ ڏسڻ وارو چوندو آهي ته خير ته آهي چهرو ڇو اداس آهي؟ دل ۾ خوشي آهي تو چهرو به سرخ ۾ سفيد ٿي ويندو آهي، معلوم ٿيو ته دل جو اثر چهري تي ٿئي ٿو، اهڙي طرح جيڪڏهن ڪنهن کي دِق (يعني ٽي.بي) جي بيماري آهي ته حڪيم چوندا آهن ته ان کي بهتر آبهوا ۾ رکو چڱا ۾ صاف ڪپڙا پهرايو، ان کي فلان دوا جي پاڻي سان غسل ڏياريو، هاڻي اهو چئجي ته بيماري ته دل ۾ آهي هي ظاهري جسم جو علاج ڇو ڪيو پيو وڃي! ان لاءِ ته جيڪڏهن ظاهر چڱو هوندو ته اندر به چڱو ٿي ويندو. تندرست ماڻهو کي گهرجي ته روزانو غسل ڪري، صاف ڪپڙي پائي، صاف گهر ۾ رهي ته تندرست رهندو. اهڙي طرح غذا جو اثر به دل تي پوندو آهي. مطلب ته هي مڃڻو پوندو ته غذا ۾ لباس جو اثر دل تي ٿئي ٿو، ته جيڪڏهن ڪافرن وانگر لباس پاتو ويو يا ڪافرن جهڙي صورت بڻائي وئي ته يقيناً دل



www.dawateislami.net

۾ ڪافرن سان محبت ۽ مسلمانن سان نفرت پيدا ٿي ويندي، مطلب هي تہ بيماري آخر ۾ مهلڪ (هلاڪ ڪرڻ واري) ثابت ٿيندي، ان لاءِ حديثِ پاڪ ۾ آيو آهي "مَنْ تَشَبَّهَ بِقَوْمٍ فَهُوَ مِنْهُمْ" جيڪو ڪنهن بہ قوم سان مشابهت پيدا ڪري اهو انهن مان آهي. (المعجم الاوسط، الحديث ٨٣٢٧، ج٦، ص ١٥١) خُلاصو هي تہ مُسلمانن جهڙي صُورت ٺاهيو تہ جيئن مسلمانن جهڙي سيرت پيدا ٿئي.

(اسلامی زندگی ،ص:۸۴ ملتقطاً)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! يقيناً اطاعتِ مُصطَفيٰ ڪندي پنهنجي ظاهر ۽ باطن کي اِسلام جي مُطابق ڪرڻ ۾ فائدو ئي فائدو آهي. اسان کي بہ گهرجي تہ پنهنجي پياري آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اَقوال، اَفعال، حالات جو بغور مُطالعو ڪري پنهنجي زِندگي سَرڪار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اطاعت ۽ سنَّتن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سُنَّتن تي عمل ڪندي گُذاريون، صحابہء ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان سَرڪار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي هر هر سنّت تي عمل جي ڪوشش ڪندا هئا، بلڪ حُضُور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جنهن ڳالهہ جو حڪم نہ بہ ڏنو هو، ان ۾ بہ پيروي ڪندا هئا. جيئن تہ

## ڳالهائڻ وقت مسڪرائيندا هئا

حضرت سَيِّدَتُنا اُمِّ دَرداء رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهَا فرمائن ٿيون تہ حضرت سَيِّدُنا ابُودَرداء رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جڏهن بہ ڳالهائيندا هئا تہ مُسڪرائيندا هئا . مون عرض ڪيو: توهان (رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ) ان عادت کي تَرڪ فرمايو، نہ تہ ماڻهو توهان کي اَحمَق (بيوقوف) سمجهڻ لڳندا. تہ حضرت سَيدُنا ابُودَرداء رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جن فرمايو: "مون جڏهن بہ رَسُوْلُ الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ڳالهائيندي ڏٺو يا ٻُڌو، سَرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مُسڪرائيندا هئا." (تنهنڪري آئون بہ ان سُنَّت تي عمل جي نِيَّت سان



www.dawateislami.net

ائين ڪندو آهيان). (مسند احمد،مسند الانصار، باقی حديث ابی الدرداء رضی اللّٰہ تعالٰی عنہ، ۱۷۱/۸، حديث: ۲۱۷۹۱)

پتلی پتلی گلِ قُدس کی پتیاں
اُن لبوں کی نزاکت پہ لاکھوں سلام
جس کی تسکیں سے روتے ہوئے ہنس پڑیں
اس تبسُّم کی عادت پہ لاکھوں سلام

## سَرڪار جي پسند پنهنجي پسند

حضرت سيدنا اَنَس بن مالڪ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان مروي آهي تہ هڪ دَرزي، رَسُوۡلُ الله صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي دعوت ڪئي، (حضرت سَيدُنا اَنس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمائن ٿا:) حُضُور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم سان گڏ آئون بہ دعوت ۾ شريڪ ٿي ويس، دَرزي سَرڪار عَلَیْہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام جي سامهون ماني، ڪدّو شريف ۽ گوشت جو سالَن (ٻوڙ) رکيو. مون ڏٺو تہ نبي ڪريم صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ٿالهءَ مان ڪدّو شريف تلاش ڪري تَناوُل فرمائي رهيا آهن (ان کان پوءِ پاڻ رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُ پنهنجو عمل ٻڌائيندي فرمائن ٿا) فَلَمۡ اَزَلۡ اُحِبُّ الدُّبَّآءَ مِنۡ يَوۡمِئِذٍ يعني ان ڏينهن کان پوءِ آئون بہ ڪدّو شريف کي پسند ڪندو آهيان. (بخاری،کتاب البیوع،باب ذکر الخیاط،۱۷/۲،حدیث:۲۰۹۲)

سُبۡحٰنَ الله عَزَّوَجَلَّ! صحابہء ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان ۾ نبي ڪريم صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي پيروي جو ڪهڙو جذبہ هو تہ جنهن ڪم جو حڪم بہ اِرشاد نہ فرمايو، پوءِ بہ هي صَحابي سَرڪار صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي هر اَدا اپنائڻ جو شوق رکندا هئا، پوءِ سَرڪار مدينہ صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جنهن شيءِ جو حڪم فرمائيندا هئا، ان ۾ اِطاعت جو ڇا عالَم هوندو. اچو تہ! انهي متعلق صحابہء ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان جي اطاعتِ رسول جي مُتَعَلّق پيارا پيارا ڪجهہ واقعا ٻُڌون ٿا.



www.dawateislami.net

## حضرت عائشه رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْھَا جو فرمانِ رسول تي عمل:

هڪ ڀيري اُمُّ الْمُؤمنين حضرت سَيدَتُنا عائشه صِدّيقه رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْھَا وٽ هڪ سائل آيو، پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْھَا جن ان کي مانيءَ جو هڪ ٽڪرو عطا فرمائي ڇڏيو، پوءِ هڪ خُوش لباس (سُٺي لباس وارو) شخص آيو تہ پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْھَا جن ان کي ويهاري کري کاڌو کارايو. ماڻهن ان فَرق جو سبب پُڇيو تہ پاڻ ارشاد فرمايائون: رَسُوْلُ الله صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمان آهي "اَنْزِلُو النَّاسَ مَنَازِلَهُمْ" هر شخص سان ان جي دَرَجي جي مُطابق سلوڪ ڪريو.

(سنن ابی داود، کتاب الادب ،باب فی تنزیل الناس منازلھم، الحدیث:۴۸۴۲، ج۴، ص۳۴۳)

## مهمان نوازي جا اقسام ۽ ان جا تقاضا:

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اُمُّ الْمُؤمنين حضرت سَيدتُنا عائشه رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْھَا جي عمل مان معلوم ٿيو تہ ماڻهن جي مَقام ۽ مرتبي جو لحاظ ڪندي انهن جي مهمان نَوازي، خاطِر تَواضُع ۽ تعظيم ۽ توقير ڪرڻ گهرجي. هرمهمان سان سندس حيثيت جي مُطابق سُلُوڪ ڪرڻ گهرجي، مهمانن ۾ ڪجھ تہ اهي هوندا آهن جيڪي ڪلاڪ يا ٻن ڪلاڪن جي لاءِ ايندا آهن ۽ چانهہ، پاڻي پيئڻ کان پوءِ هليا ويندا آهن ۽ ڪجھ جي لاءِ کاڌي پيتي جو خاص اِهْتمام ضروري هوندو آهي، ڪجھ اهي هوندا آهن جن کي اسان شادي مُرادي، عقيقي وغيره ڪنهن تقريب ۾ دعوت ڏئي ڪري خُود گهُرائيندا آهيون، ان ۾ امير ۽ غريب جي فرق جي بغير کارائڻ پيارڻ ۽ ويهارڻ ۾ سيني جي لاءِ هڪ جهڙو اهتمام ڪرڻ گهرجي، ائين نہ ٿئي تہ اميرءِ وڏا ماڻهو تہ شاهانہ اَنداز ۾ ويهن ۽ قِسم قِسم جا بهترين کاڌن مان لُطف اندوز ٿين، پر مُفْلس (غريب) ۽ مُتَوَسِّط ماڻهن کي عام کاڌا کارايا وڃن، ائين هرگز نہ ڪرڻ گهرجي تہ ان سان مُسلمانن جي دل شِڪني ٿيندي آهي. **حديثِ پاڪ** ۾ آهي: بُرو کاڌو ان وليمي جو کاڌو آهي،



www.dawateislami.net

جنهن ۾ مال دار ماڻهون گهُرايا وڃن ۽ فقيرن کي ڇڏيو وڃي(يعني نہ گهُرايو وڃي) . (صحيح البخاري"،كتاب النكاح، باب من ترک الدعوة...إلخ،الحديث: ۵۱۷۷،ج۳،ص۴۵۵) **ڪجھ مهمان پيڻ،** ڀاءُ يا قريبي رشتيدار هوندا آهن، جيڪي ڪجھ ڏينهن جي لاءِ رهڻ ايندا آهن، انهن جي مهمان نوازي بہ ڪرڻ گهرجي.

**حديثِ پاڪ** ۾ آهي: جيڪو شخص الله عَزَّوَجَلَّ ۽ قيامت جي ڏينهن تي ايمان رکندو آهي، اهو مهمان جو اِڪرام ڪري، هڪ ڏينهن رات اُن جو جائزو آهي (يعني هڪ ڏينهن ان جي پوري خاطر داري ڪري، حسبِ استطاعت ان جي لاءِ پُر تَڪَلُّف کاڌا تيار ڪرائي) ۽ ضِيافت 3 ڏينهن آهن (يعني هڪ ڏينهن کان پوءِ ماحضر(جيڪو گهر ۾ مَوجُود هجي) پيش ڪري) ۽ 3 ڏينهن کان پوءِ صَدَقو آهي.

(صحيح البخارى"،كتاب الأدب،باب إكرام الضيف...إلخ، الحديث:۶۱۳۵، ج۴، ص۱۳۶)

ماڻهن جي مَقام ۽ مرتبي جو خيال ڪندي هي ڳالھ بہ ملحوظِ خاطِر رکڻ گهرجي تہ جيڪڏهن مهمان ڪو نيڪ پرهيزگار يا عالِمِ دين يا پير و مُرشد هجي، تہ ان جي شان ۽ عظمت جي مُطابق ان جي مهمان نوازي ڪئي وڃي. جيڪڏهن مَذهبي شخصيت کي ڪنهن تقريب ۾ گهُرائڻو هجي تہ سوچي سمجهي ڪري دعوت ڏني وڃي تہ هي دعوت ان جي شان جي لائق بہ آهي يا نہ، مثلاً شادي وغيره جي تقريب ۾ ناچ رنگ، عورتن جو بي پرده گهمڻ، جڏهن تہ هي سڀني جي لاءِ حرام آهي پر هڪ عالِمِ دين يا مذهبي شخص کي دعوت ڏيڻ، ان جي مرتبي جي توهين آهي. انهي لاءِ اسان کي گهرجي تہ مهمانن جي مَرتبي جي مُطابق ان جي تڪريم ۾ ڪوتاهي نہ ڪريون ۽ هر مُسَلمان سان حسنِ سلوڪ سان پيش اچون، ڇو جو حُسنِ سُلوڪ جي برڪت سان جتي پاڻ ۾ مَحَبَّت جا چراغ روشن ٿيندا آهن، اُتي سُنَّت تي عمل سان



www.dawateislami.net

ڳڻوڳڻ ٻنهي جهانن جون ڀلايون بہ نصيب ٿينديون آهن.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## صحابيات جو اطاعت جو مقدس جذبو:

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هڪ مُسَلمان کي رَسُوْلُ الله صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي هر هر حڪم جي تعميل ڪرڻ گهرجي ۽ پنهنجي هر عمل ۾ سندن جي اِتباع کي پيشِ نظر رکڻ گهرجي. حُضُور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جا تمام صحابہء ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان اهي حضرات تہ مَحَبَّتِ مُصَطَفٰي جي اَعَلٰي مَرتبي تي فائز هئا، انهي لاءِ انهن جو هر عمل سُنَّتِ مُصَطَفٰي جي مُطابق هوندو هو ۽ اهي سَرڪار مدينہ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي زَبانِ اَقدس کان نڪرندڙ فرمان تي لازِمي عمل ڪندا هئا. منقول آهي تہ هڪ ڀيري شهنشاهِ مدينہ، صاحبِ مُعطر پسينہ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم مسجد کان ٻاهر تشريف وٺي آيا تہ ڏٺو تہ رستي ۾ مرد ۽ عورتون مليل جلي ڪري هلي رهيا آهن. حُضُور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن عورتن کي مُخاطب ٿي ڪري فرمايو: اِسْتَأْخِرْنَ فَاِنَّهٗ لَيْسَ لَكُنَّ اَنْ تَحْقُقْنَ الطَّرِيقَ يعني پوئتي رهو! توهان رستي جي وچ تا نہ ٿيون هلي سگهو، عَلَيْكُنَّ بِحَافَّاتِ الطَّرِيقِ، بلڪ هڪ طرف تي ڪري هلنديون ڪريو. ان کان پوءِ هي حال ٿي ويو تہ عورتون ايتري قدر گهٽي (رستي) جي ڪناري کان هلنديون هيون جو انهن جا ڪپڙا ديوارن سان لڳندا هئا. (سنن ابی داود،باب فی مشی النساء مع الرجال فی الطریق، الحدیث:۵۲۷۲، ج۴،ص۴۷۰)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بيان ڪيل واقعي ۾ اسان جي لاءِ بهترين دَرس مَوجُود آهي تہ انهن صحابيات رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْهُنَّ کي نبي ڪريم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن صرف هڪ ڀيري فرمايو ”پٺيان رهو! توهان رستي جي درميان کان نہ گذرو“ تہ اُنهن ان حڪم جي اهڙي تعميل ڪئي جو ديوارن سان لڳي ڪري هلڻ سان اُنهن



www.dawateislami.net

جا ڪپڙا اُگهڙي ويندا هئا. شيخِ طريقت، اَميرِ اهلسُنَّت حضرت علامہ مولانا **ابوبلال محمد الياس عطار قادري رضوي ضيائي** دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه هن زَماني جي مُسلمانن ۾ملندڙ بي حَيائي تي افسوس جو اظهار ڪندي فرمائن ٿا: اڄ اڪثر مسلمان عورتن، مردن سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي هلڻ جي ناپاڪ ارادي ۾ حياءَ جي چادر لاهي اُڇلائي ڇڏي آهيءِ هاڻي، پرڪشش ساڙهين، نيم عرياني گهگرن، مردانہ لباس جيان ۽ مردن وانگر وار رکي شادي هالن، هوٽلن، تفريح گاهن ۽ سينيما گهرن ۾ پنهنجي آخرت برباد ڪرڻ ۾ مشغول آهن.اڄ جو نادان مسلمان T.V، V.C.R ۽ INTERNET تي فلمون ڊراما هلائي، بيهوده فلمي گانا جهونگاري، شادين ۾ ڊانس جون محفلون ڄمائي، ڪافرن جي پيروي ۾ ڏاڙهي ڪوڙائي، ڪافرن جهڙو بي حيائي وارو لباس بدن تي پائي، اسڪوٽر جي پويان بي پرده گهرواريءَ کي ويهاري، بي حيا گهرواريءَ کي ميڪ اپ ڪرائي مردن ۽ عورتن جي گڏيل تفريح گاهه ۾ وٺي وڃي خُود پنهنجي هٿن پنهنجي لاءِ جهنَّم ۾ وڃڻ جا اعمال ڪري رهيو آهي. حضرت علامہ مولانا سيِّد **محمد نعيمُ الدّين مراد آبادي** عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْهَادِي فرمائن ٿا:يعني عورتون گهر جي اندر هلڻ ڦِرڻ ۾ بہ پير ايتري قدر آهستي رکن جو انهن جي زيور جي جهنڪار ٻڌڻ ۾ نہ اچي، ان ڪري گهرجي تہ عورتون وڄندڙ **جهانجهر** نہ پائن.

حديث شريف ۾ آهي: ”اللّٰه عَزَّوَجَلَّ اُن قوم جي دعا قبول ناهي فرمائيندو جنهن جون عورتون **جهانجهر** پائينديون هجن.“ (تفسيرات اَحمديہ ص٥٦٥) ان مان سمجهڻ گهرجي تہ جڏهن زيور جو آواز دعا قبول نہ ٿيڻ جو سبب آهي تہ خاص عورت جو (پنهنجو) آواز (جيڪو بِنا شرعي اجازت جي غير مردن تائين پهچي) ۽ ان جي بي پردگي ڪيڏي نہ ربّ تعاليٰ جي ڏمر جو سبب بڻجندي، پردي جي معاملي ۾ بي پرواهي تباهيءَ جو سبب آهي.



www.dawateislami.net

( خزائنُ الْعِرفان ص۶۵۶، پردے کے بارے میں سوال جواب:۴)

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** يقيناً بي پردگي، تباهي ۽ بربادي جو وڏو سبب آهي. پر افسوس! جو اسان ان جي ڪا پرواهہ ناهي. خُدارا! پنهنجي آخرت جي فڪر ڪريو! ۽ پنهنجي عورتن ۽ مَحارم کي پردي جي ترغيب ڏياريو! جيڪي ماڻهو طاقت رکڻ جي باوجود پنهنجي عورتن ۽ محارم کي بي پردگيءَ کان منع نہ ڪن، اُهي ”ديّوث“ آهن. **رحمتِ عالميان** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان عبرت نشان آهي: ”ٽي شخص ڪڏهن بہ جنت ۾ داخل نہ ٿيندا، ديوث ۽ مردانہ طريقو اختيار ڪرڻ واري عورت ۽ شراب پيئڻ جو عادي.“ (مجمعُ الزّوائد ج۴ص۵۹۹حديث۷۷۲۲ )

حديثِ پاڪ ۾ مَوجود لفظِ ”دَيُّوث“ جي باري ۾ حضرت علامہ علاءُ الدين حصڪفي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْقَوِي فرمائن ٿا: ”ديوث“ اُهو شخص آهي جيڪو پنهنجي گهرواري يا ڪنهن محرم تي غيرت نہ ڪائي. (دُرِّمُختارج٦ ص ١١٣) انهي لاءِ مٺي مٺي آقا، مڪي مدني مُصْطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اطاعت ڪريو! خُود بہ بدنگاهي کان بچو ۽ پنهنجي گهروارن کي بہ پردي جي تلقين ڪريو! گهر ۾ شَرعي پردو رائج ڪرڻ جو هڪ طريقو هي بہ آهي تہ پنهنجي گهر وارن کي **دعوتِ اسلامي** جي مَدَني ماحول سان وابستہ ڪريو! انهن کي پنهنجي علاقي ۾ ٿيڻ واري **دعوتِ اسلامي** جي اسلامي ڀينرن جي هفتيوار سُنَّتن ڀري اجتماع ۾ موڪليندا ڪريو.

**مدرسة المدينہ للبنات** ۾ قاريہ اسلامي ڀينرون مدني منين کي فِي سَبِيْلِ الله قرآنِ پاڪ حفظ ۽ ناظره جي مُفّت تعليم ڏينديون آهن. **مدرسة المدينہ بالغات** ۾ وڏي عمر جي اسلامي ڀينرن کي اسلامي ڀينرون گهرن ۾ اجتماعي طور تي فِي سَبِيْلِ الله قرآن پڙهائينديون، نماز، دُعائون ۽ انهن جا مخصوص مسائل وغيره سيکارينديون آهن. **مدرسة المدينہ للبنات** آن لائن ۾ اسلامي ڀينرون،



www.dawateislami.net

اسلامي ڀينرون ڪي بذريعه انٽرنيٽ دُرست ادائيگي سان گڏ قرآنِ ڪريم پڙهائينديون آهن ۽ انهن جي سنّت جي مطابق تربيت ڪنديون آهن. اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ ڪم و بيش 72 ملڪن ۾ طلبه و طالبات انٽرنيٽ جي ذريعي **قرآنِ ڪريم** جي تعليم حاصل ڪري رهيون آهن.

اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ **دعوتِ اسلامي** جي مدرسةُ المدينه بالغان ۽ **بالغات** ۾ 12 هزار ڪان وڌيڪ طلبه ۽ طالبات آهن.

يہی ہے آرزُو تعلیمِ قرآں عام ہو جائے
تلاوت کرنا صُبح و شام میرا کام ہو جائے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

اسلامي ڀائر خُود به هفتيوار سُنَّتن ڀري اجتماع ۽ هفتيوار اجتماعي طور تي ڏنو ويندڙ مدني مذاڪري ۾ اوّل تا آخر شرڪت فرمائيندا ڪريو. اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ ان جي برڪت سان خُود ئي اِطاعتِ مُصطَفٰي ڪرڻ، گُناهن کان بچڻ ۽ شريعت جي اَحڪامن تي عمل ڪرڻ جو ذهن بڻجندو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## شادي ڪري وٺو!

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! صحابهء ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان ۾ اِطاعتِ رسول جو اهڙو جذبو هو جو سَرڪار صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي هر حڪم تي اکيون بند ڪري عمل ڪندا هئا. حضرت ربيعه اَسلَمي رَضِىَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي ته مون ڪي رَسُوْلُ اللّٰه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خِدمت گُذاري جو شَرَف حاصل ٿيو، هڪ ڏينهن نبي



www.dawateislami.net

ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن اِرشاد فرمايو: اي ربيعہ تون شادي ڇو نہ ٿو ڪري وٺين؟ مون عرض ڪيو يا رَسُوْلَ الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آئون شادي نہ ٿو ڪرڻ چاهيان، ڇو جو هڪ تہ مون وٽ ايترو مال ۽ اَسباب ناهن جو هڪ عورت جون ضرورتون پُوريون ڪري سگهان ۽ ٻيو هي تہ مون کي هي ڳالهہ پسند ناهي تہ ڪا شيء مون کي توهان کان پَري نہ ڪري ڇڏي. نبي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن مون کان اِعراض فرمايو ۽ آئون خدمت ڪندو رهيس. ڪجهہ عرصي کان پوءِ حُضُور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ٻيهر ارشاد فرمايو: ربيعہ تون شادي ڇو نہ ٿو ڪري وٺين ؟ مون عرض ڪيو يا رَسُوْلَ الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آئون شادي نہ ٿو ڪرڻ چاهيان، ڇو جو هڪ تہ مون وٽ ايترو مال ۽ اَسباب ناهي جو هڪ عورت جون ضرورتون پُوريون ڪري سگهان ۽ ٻيو هي تہ مون کي هي ڳالهہ پسند ناهي تہ ڪا شيء مون کي توهان کان پَري نہ ڪري ڇڏي، نبي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن مون کان اِعّراض فرمايو، پر پوءِ مون سوچيو تہ رَسُوْلُ الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مون کي وڌيڪ سڃاڻين ٿا تہ دُنيا ۽ آخرت ۾ منهنجي لاءِ ڪهڙي شيء بهتر آهي، جيڪڏهن هاڻي سَرڪار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو تہ چوَندس نيڪ آهي، يا رَسُوْلَ الله توهان مون کي جيڪو چاهيو حڪم ڏيو. جيئن تہ جڏهن ٽين ڀيري حُضُور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن اِرشاد فرمايو تہ ربيعه شادي ڇو نہ ٿو ڪري وٺين؟ تہ مون عرض ڪيو: ڇو نہ، پوءِ نبي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن اَنّصار جي هڪ قبيلي جو نالو وٺي ڪري فرمايو، ان وٽ هليو وڃ ۽ ان کي چئجان! مون کي رَسُوْلُ الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن موڪليو آهي تہ فُلان عورت سان منهنجي شادي ڪري ڇڏيو. جيئن تہ آئون ان وٽ ويس ۽ سَرڪار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو پيغام ٻُڌايو تہ ان ماڻهن وڏي شاندار طريقي سان منهنجو اِسّتقبال ڪيو ۽ چوڻ لڳا، نبي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ



www.dawateislami.net

وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو قاصد پنهنجي کم جي بغير نہ واپس موٽڻ گهرجي. پوءِ اُنهن ان عورت سان منهنجو نڪاح ڪري ڇڏيو ۽ وڏي شفقت ۽ مهرباني سان پيش آيا ۽ ڪو دليل بہ طلب نہ ڪيئون.

(المسند لامام احمد بن حنبل، حديث ربيعة بن كعب الاسلمى رضى الله عنہ، حديث:١٦٥٧٧، ج٥، ص٥٦٩)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! توهان ڏٺو تہ صحابہء ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان ۾ اِطاعتِ رسُول جو ڪهڙو جذبو هوندو هو جو شادي جهڙي نازُڪ مُعاملي ۾ بہ ڪو دليل گهرڻ بغير صرف رَسُوۡلُ الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پيغام کي ٻڌي ڪري پنهنجي نياڻي جي شادي، حضرتِ ربيعہ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ سان ڪري ڇڏي. ان واقعي مان هي درس مليو، اسان جنهن سان پنهنجي ٻارن جي شادي ڪريون، ڀلي غريب هجي، پر نماز، روزي، سُنَّتن تي عمل ۽ تقوي ۽ پرهيزگاري جهڙي صفتن جا حامل ضرور هئڻ گهرجي. پر افسوس! اسان جي مُعاشري ۾ صِرف حُسن و جمالءِ مال ومَنالءِ دُنيوي جاهه وجلال ڏسي ڪري شادي ڪئي ويندي آهي ۽ اهڙي شادي ڪڏهن ڪڏهن تہ خانہ بربادي جو سبب بڻجندي آهي. تنهنڪري شادي سيرت ۽ ڪردار تي خُصُوصي نظر رکڻ گهرجي جيئن تہ، فرمانِ مُصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي: جنهن عورت سان ان جي عزت جي سبب سان نڪاح ڪيو، تہ الله تعاليٰ ان جي ذِلَّت کي وڌائي ڇڏيندو، جنهن عورت جي مال و دولت (جي لالچ) جي سبب سان نڪاح ڪيو، اَللهُ تَعَاليٰ ان جي غُربت ۾ اِضافو ڪندو، جنهن عورت جي حَسَب نَسَب (يعني خانداني وڏائي) جي بِنا تي نڪاح ڪيو، الله عَزَّوَجَلَّ ان جي گهٽياپن کي وڌائي ڇڏيندو ۽ جنهن صرف ۽ صرف ان لاءِ نڪاح ڪيو تہ پنهنجي نظر جي حفاظت ڪري، پنهنجي شرمگاهہ کي محفوظ رکي، يا صِلہء رحمي (رشتيدارن سان سنو سُلُوڪ) ڪري، تہ الله عَزَّوَجَلَّ ان جي لاءِ عورت ۾ برڪت ڏيندو ۽ عورت جي لاءِ مَرد ۾



www.dawateislami.net

برڪت ڏيندو.“ (المعجم الاوسط: الحديث۲۳۴۲،ج۲،ص۱۸)

تنهنڪري اسان کي بہ مال ۽ دولت حاصل ڪرڻ ۽ دُنيوي فائدا حاصل ڪرڻ جي بجائي دِينداري ۽ پرهيزگاري کي پيشِ نظر رکندي دِيني اعتبار سان چڱن ماڻهن ۾ شادي ڪرڻ گهرجي ۽ پنهنجي دُنيا ۽ آخرت بهتر بنائڻ جي لاءِ تمام مُعاملن ۾ نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اِطاعت ڪرڻ گهرجي. حضور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اِطاعت ۽ فرمانبرداري جو دَرس ڏيندي صحابہء ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جن زَمانہ جاهليت جون اهي تمام فُضول رَسمون ختم ڪري ڇڏيون، جن تي وڏي عرصي ڪان عمل جاري هو.

ڪاش!صحابہء ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جي صدقي ۾ اسان کي بہ پنهنجي آقا محمدٌرَّسُوْلُ اللّٰه مڪي مديني واري مُصطفيٰ، ڪعبي جي بدرالدجيٰ، طيبہ جي شمسُ الضحيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اِطاعت جو جذبو نصيب ٿي وڃي، صرف زباني دعوائن ڪان نڪري ڪري، ڪاش! اسان عملي طور تي سچّا عاشقِ رسول بڻجي وڃون، اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه فرمائن ٿا:

یاد رکھنا سبھی چھوڑنا مت کبھی — دامنِ مصطفٰے عاشقانِ رسول
رحمتِ کبریا تم پہ ہو دائما — ہے ہماری دعا عاشقانِ رسول
تم پہ فضلِ خدا،رحمتِ مصطفٰے — ہو بروزِ جزا عاشقانِ رسول
کاش! دنیا میں تم دو بفضلِ خدا — دِیں کا ڈنکا بجا عاشقانِ رسول
تم پہ ہو قبر میں ہر جگہ حشر میں — سایہ مصطفٰے عاشقانِ رسول

عاشقِ رسول کي دُعائن سان نوازڻ ڪان پوءِ اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه تنبيہ ڪندي فرمائن ٿا:



www.dawateislami.net

بے نمازی رہیں کچھ نہ روزے رکھیں — اُن کو کس نے کہا؟ عاشقانِ رسول
عالموں پر ہنسیں،پھبتیاں بھی کَسیں — اُن کو کس نے کہا؟ عاشقانِ رسول
جو کہ گانے سُنیں، فلم بِینی کریں — اُن کو کس نے کہا؟ عاشقانِ رسول
بد نگاہی کریں، بد کلامی کریں — اُن کو کس نے کہا؟ عاشقانِ رسول
کھائیں رزقِ حرام ، ایسے ہیں بد لگام — اُن کو کس نے کہا؟ عاشقانِ رسول
عَہد توڑا کریں ، جھوٹ بولا کریں — اُن کو کس نے کہا؟ عاشقانِ رسول
جو ستاتے رہیں دل دُکھاتے رہیں — اُن کو کس نے کہا؟ عاشقانِ رسول
چغلیوں تہمتوں ، میں جو مشغول ہوں — اُن کو کس نے کہا؟ عاشقانِ رسول
گالیاں جو بکیں عیب بھی نہ ڈھکیں — اُن کو کس نے کہا؟ عاشقانِ رسول
داڑھیاں جو منڈائیں کریں غیبتیں — اُن کو کس نے کہا؟ عاشقانِ رسول
کاش ! عطّار کا طیبہ میں خاتِمہ — ہو کرو یہ دُعا عاشقانِ رسول

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! — صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## چوٿين ڏينهن ئي خوشبو لڳائي ورتي:

منقول آهي تہ دَورِ جاهِليت ۾ ڪنهن جي مري وڃڻ تي ڪيترن ڏينهن تائين نَوحہ ڪرڻ، سوڳ مَنائڻ عام معمول هو. ايستائين جو اِسلام ڪان پهريان عرب ۾ بيوهہ عورت مڙس جي اِنتقال ڪان پوءِ هڪ سال تائين بُري مڪان، بُري لباس ۾ رهنديون هيون ۽ سڀني گهروارن ڪان عليحدگي اختيار ڪنديون هيون. (مرآة المناجيح،۵/۱۵۱) ۽ اهڙي طرح هڪ سال تائين سوڳ ڪنديون



www.dawateislami.net

هيون. پر اسلام کان پوءِ تاجدارِ انبياء صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن مڙس کان علاوه ٻين رِشتيدارن جي (اِنتقال تي) سوڳ جي لاءِ ٽي (3) ڏينهن مُقرَّر فرمايا. (صحابۂ کرام کا عشقِ رسول:۲۳۰) جڏهن ته زال پنهنجي مڙس جي وَفات تي عِدَّت جي مُدّت (چار مهينا ڏه ڏينهن) تائين سوڳ ۾ رهندي. اَلبتّه ڪنهن قريبي (رِشتيدار) جي مري وڃڻ تي عورت کي ٽن (3) ڏينهن تائين سوڳ ڪرڻ جي اِجازت آهي ان کان وڌيڪ جي (اِجازت) ناهي. (ردالمحتار، کتاب الطلاق، فصل فی الحداد، ج۵، ص۲۲۳)

ٽن (3) ڏينهن کان وڌيڪ سوڳ ڪرڻ جي هي رَسم زمانهء جاهِليت ۾ جڏهن ته وڏي عرصي کان رائج هئي پر جڏهن رَسُوۡلُ الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ان کان منع فرمائي ڇڏيو، ته صحابيات رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُنَّ جو ان تي عمل ڪرڻ مثالي هو. جيئن ته جڏهن حضرت زينب بنتِ جحش رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا جي پياءُ جو اِنتقال ٿي ويو، ته چوٿين ڏينهن اُنهن خوشبو لڳائي ۽ چيو ته مون کي خُوشبو جي ضرورت نه هئي، پر مون سَرڪار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان مِنبَر تي ٻُڌو آهي ته ڪنهن مُسَلمان عورت کي مڙس کان علاوه ٽن (3) ڏينهن کان وڌيڪ ڪنهن جو سوڳ جائز ناهي، ان لاءِ هي ان حڪم جي تعميل هئي. (سنن ابی داود، کتاب الطلاق،باب احدادالمتوفی عنها زوجها، الحدیث:۲۲۹۹، ج۲،ص۴۲۲) اهڙي طرح جڏهن حضرت اُمّ حبيبه رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا جي والد جو انتقال ٿيو ته اُنهن ٽي (3) ڏينهن کان پوءِ پنهنجي رُخسارن (ڳلن) تي خُوشبو هنئي ۽ چيو! مون کي ان جي ضرورت نه هئي، صرف ان حڪم جي تعميل مقصود هئي.

(سنن ابی داود، کتاب الطلاق،باب احدادالمتوفی عنهازوجها،الحدیث:۲۲۹۹، ج۲،ص۴۲۲)

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد



www.dawateislami.net

## سوڳ ڪرڻ ڪيئن آهي؟

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ان واقِعي مان جتي هي معلوم ٿيو ته صحابيات رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُنَّ اِطاعتِ رسول جي جذبي کان سرشار ۽ دل وجان سان الله عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي پياري رسول صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جون اِطاعت گُذار هيون، اُتي هي به معلوم ٿيو ته اسلام ۾ سوڳ جي مُدّت ٽي (3) ڏينهن آهي، پر جنهن عورت جو مڙس فوت ٿي وڃي ته اها چار (4) مهينا ڏهه (10) ڏينهن تائين سوڳ ۾ رهندي. عام طور تي ڏٺو ويو آهي ته اڄ جيڪڏهن ڪنهن گهر ۾ ميت ٿي وڃي ته افسوس صَد افسوس! علمِ دين کان دُوري جي سبب ڪيترن ئي غير شرعي ڪمن جو اِرْتڪاب ڪيو ويندو آهي، جيئن نوحه يعني ميت جا اَوصاف (خوبيون) مُبالَغي سان گڏ (خُوب وڌائي چڙهائي ڪري) بيان ڪري آواز سان روئڻ جنهن کي بَين (به) چوندا آهن، بِالاِجماع حَرام آهي. اهڙي طرح واوَيلو، وَامُصِيبَتَاه (يعني هاءِ مُصيبت) چئي ڪري رڙيون ڪرڻ، گِريبان ڦاڙڻ، منهن تي ڏک هڻڻ ، وار کولڻ، مٿي تي مٽي وجهڻ، ڇاتي ڪُٽڻ، ران تي هٿ هڻڻ هي سڀ جاهِليت جا ڪم آهن ۽ حرام (آهن اهڙي طرح) آواز سان روئڻ منع آهي. (بہارشریعت،۱/۸۵۵،۸۵۴،کفریہ کلمات کے بارے میں سوال جواب،ص۴۹٦) حالانڪ اهڙي صُورت ۾ صبر سان ڪم وٺڻ گهرجي ۽ ان کي الله عَزَّوَجَلَّ جي طرف کان آزمائش سمجهي ڪري ان تي راضي رهڻ گهرجي. پر افسوس! گهر وارا ۽ آس پڙوس جا ماڻهو بالخصوص عورتون زور زور سان روئينديون رڙيون ڪنديون آهن. جيڪڏهن ڪو صَبر و ضَبط سان ڪم وٺندي انهن جو ساٿ نه ڏي ته ان تي طَعن وتَشنيع جا تِير وَسائيندي هن طرح جي گفتگو ڪئي ويندي آهي ته ان کي ڏسو ڪهڙو سخت دل آهي ”جَوان“ ميت تي به اکين ۾ هڪ لڙڪ ناهي



www.dawateislami.net

آيو. ائين هڪ مُسلمان جي باري ۾ بَدگماني ۽ ان جي دِل آزاري جو گناهه به ڪيو ويندو آهي.

ياد رکو! بَتقاضاءِ بَشريت وفات تي غمگين ٿي وڃڻ، چهري کان غم جو ظاهر ٿيڻ، اهڙي طرح بِلا آواز (بغير آواز جي) روئڻ وغيره منع نه آهي. ها! ان حالت ۾ شريعتِ مُطَهِّره جي خِلاف وَرزي منع آهي. الله عَزَّوَجَلَّ اسان کي به شريعت جي پاسداري ڪندي پنهنجي آخرت بهتر بڻائڻ جي توفيق عطافرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ڪهڙن ڪمن ۾ اطاعت لازم آهي؟

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! نبي ڪريم، روفٌ رَّحيم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو حڪم مڃڻ اِطاعتِ مُصَطَفٰي چيو ويندو آهي.اطاعت ۾ هر اهي ڪم شامل آهن، جنهن کان بچڻ جو حڪم آهي ۽ اهي ڪم به داخل آهن جنهن جي ڪرڻ جو حڪم اِرشاد فرمايو آهي. جهڙي طرح نماز پڙهڻ، زڪوٰة ڏيئڻ، روزو رکڻ ۽ ٻيا نيڪ ڪم ضروري آهن، اهڙي طرح ڪوڙ، غيبت، چُغلي، موسيقي وغيره گُناهن کان اِجّتناب به لازِم آهي. پر افسوس! صَد افسوس! اڄ مُسلمان دِين کان دُوري جي سبب الله عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي رسُول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اِطاعت ۽ فرمانبرداري کي ڇڏي ڏنو، شايد انهيءَ سبب مُعاشري ۾ گُناهه عام ٿي رهيا آهن. جنهن طرف نظر ڪڻو ته بي عملي، بي راهه روي ۽ سُنّتن جي خِلاف وَرزي جا دل سَوز نَظارا آهن. نمازون ڇڏڻ، گاريون ڏيڻ، تهمتون لڳائڻ، بدگمانيون ڪرڻ، غيبتون ڪرڻ، ماڻهن جا عيب ڳولهڻ جي جُسّتجو ۾ رهڻ،



www.dawateislami.net

معلوم ٿيڻ تہ ان جي عيبن کي ظاهر ڪرڻ، ڳالھ ڳالھ تي ڪوڙ ڳالهائڻ، ڪوڙا وعدا ڪرڻ، ڪنهن جو مال ناحق کائڻ، فلمون ڊراما، ڳانن باجن جي نشي۾مخمور رهڻ، سرِعام سُود ۽ رِشوت جو ڏيڻ وٺڻ،ماءُ پيءُ جي نافرماني ڪرڻ، غُرُور ۽ تڪبر، حَسَد ۽ رِياڪاري ۽ بُغض ۽ ڪيني جهڙا بي شُمار گُناھ عام آهن. ياد رکو! هڪ ڏينهن مَوّت اسان جو رشتو حَياتي کان مُنَقَطِع (ختم) ڪري اسان کي سينگاريل ۽ آرامده ڪمرن جي نَرَم ۽ آرام دِہ گديلن کان ڪٽي ڪري قبر جي مٽي تي سُمهاري ڇڏيندي، پوءِ پڇتائڻ سان ڪجھ هٿ نہ ايندو. تنهنڪري ان ساعتن کي غنيمت سمجهندي گُناهن کان سچي تَوبه ڪريون! ۽ نيڪين ۾ وَقت گذاريون. اچوتہ! اِطاعتِ مُصطفٰي جو جَذبو پيدا ڪرڻ جي سچي نيت سان ڪجھ فرامينِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ٻُڌون ٿا:

## فضائل تي مُشتمل فرامينِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم :

(1) الله عَزَّوَجَلَّ جي ويجهو سڀ کان زِياده پسنديده ڪم، نماز کي ان جي وَقت تي اَدا ڪرڻ ۽ والِدَين سان نيڪي ڪرڻ آهي. (الجامع الصغير:١/١٨،حديث:١٩٦)

(2) الله عَزَّوَجَلَّ جي ويجهو فرائض کان پوءِ سڀ کان وڌيڪ پسنديده ڪم ڪنهن اسلامي ڀاءُ جي دل ۾ خُوشي داخل ڪرڻ آهي. (الجامع الصغير:١/١٩،حديث:٢٠٠)

(3) الله عَزَّوَجَلَّ جي ويجهو سڀ کان پسنديده گهر اهو آهي، جنهن ۾ يتيم کي عزّت ڏني وڃي. (الجامع الصغير:١/٢٠،حديث:٢١٩)

(4) ڪو پنهنجي مُسلَمان ڀاءُ کي ان کان وڌيڪ اَفضل فائدو نٿو ڏئي سگهي تہ ان تائين ڪا چڱي ڳالھ پهچي تہ اهو پنهنجي ڀاءُ تائين پهچائي.

(جامع بيان العلم و فضله، باب دعاء رسول الله لمستمع العلم و حافظه و مبلغه، الحديث :١٨٥، ص٦٢)



www.dawateislami.net

(5) چڱي ڳالھ کان علاوه پنھنجي زبان کي روڪي رَک، اھڙي طرح تون شيطان تي غالب اچي ويندي.

(الترغيب والترهيب ،كتاب الادب وغيره، باب الترغيب فى الصمت ...الخ ، رقم ٢٩، ج٣ ، ص ٣٤١)

(6) مؤمنن ۾ ڪامل ترين شخص اھو آھي، جيڪو وڌيڪ چڱي اخلاق وارو آھي ۽ توھان مان بھترين شخص اھو آھي جيڪو پنھنجي اَھلِ خانہ (گھروارن) جي معاملي ۾ بھتر ھجي.

(جامع ترمذی ،كتاب الايمان ،با ب ماجاء فى استكمال الايمان وزيادته ونقصانه ،رقم ٢٦٢١ ،ج٤ ،ص ٢٧٨)

(7) جيڪو پنھنجي ڪنھن ڀاءُ جي ڪنھن عيب کي ڏسي وٺي ۽ ان جي پرده پوشي ڪري تہ الله عَزَّوَجَلَّ ان کي ان پرده پوشي جي سبب جنّت ۾ داخل فرمائيندو". (المعجم الكبير مسند عُقْبَہ بن عامر، رقم ٧٩٥، ج١٧، ص ٢٨٨)

(8) جنھن جي مال يا جان ۾ مصيبت آئي، پوءِ ان کي پوشيده رکيائين ۽ ماڻھن تي ظاھر نہ ڪيائين تہ الله عَزَّوَجَلَّ تي حق آھي تہ ان جي مغفرت فرمائي ڇڏي. (المعجم الاوسط للطبرانى،ج ١،ص ٢١٤،حديث:٧٣٧)

## وعيدن تي مشتمل فرامينِ مُصْطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم :

سَرڪار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن گُناھن جي مَذمّت بيان فرمائي ۽ بچڻ جو حڪم ڏنو، ان کان بہ بچڻ اِطاعتِ رسول آھي، اچو تہ ! ان متعلق بہ ڪجھ فرامينِ مُصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ٻُڌون ٿا :

(1) ہہ شَخص اھڙا آھن جن جي طرف الله عَزَّوَجَلَّ قِيامت جي ڏينھن نَظرِ رحمت نہ فرمائيندو، قَطعِ رحمي ڪرڻ وارو ۽ بُرو پاڙيسري. (الجامع الصغير:١/١٧،حديث:١٦٢)

(2) ظُلم کان بچو! ان لاءِ جو اھو قِيامت جي اونداھ مان آھي.

(الجامع الصغير:١/١٥،حديث:١٣٦)



www.dawateislami.net

(3) فُحُش گوئي سخت دِلي مان آهي ۽ سخت دِلي باهہ ۾ آهي.
(سُنَنُ التِّرمِذِیّ ج۳ ص۴۰۶ حديث۲۰۱۶)

(4) بُغُض رکڻ وارن کان بچو، ڇو جو بُغُض دِين کي تباهہ ڪري ڇڏيندو آهي.
( کنز العمال، الحديث: ۵۴۸۶، ج۳،الجزء الثالث ،ص۲۸)

(5) جيڪو مُسلمان عهد شِڪني ۽ وعده خِلافي ڪري، ان تي الله عَزَّوَجَلَّ ۽ فرشتن ۽ تمام انسانن جي لعنت آهي ۽ان جو نہ ڪو فرض قبول ٿيندو نہ نفل.
(صحيح البخاری،کتاب الجزية والموادعة،باب اثم من عاهدثم غدر، الحديث۳۱۷۹، ج۲،ص۳۷۰)

(6) جيڪو ڪنهن مؤمن کي ضَرَر (نقصان) پهچائي يا ان سان مَڪر ۽ ڌوکي بازي ڪري اهو مَلعُون آهي.
(سنن الترمذی، کتاب البروالصلة، باب ماجاء فی الخيانةوالغش، الحديث:۱۹۴۸، ج۳،ص۳۷۸)

(7) جيڪو پنهنجي ڪنهن مُسلمان ڀاءُ کي ان جي ڪنهن اهڙي گُناهہ تي عار ڏياريندو، جنهن کان اهو توبهہ ڪري چڪو هجي تہ، عار ڏيارڻ وارو ان وقت تائين نہ مرندو جيستائين اهو خُود ان گُناهہ کي نہ ڪري وٺي.
(احياء علوم الدين،کتاب آفات اللسان،الآفة الحادية عشرالسخرية والاستهزاء،ج۳، ص۱۶۳)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جيڪڏهن اسان بہ بيان ڪيل فرامينِ مُصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي عمل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃون تہ اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ اسان جي زِندگي ۾ بہ نيڪين جي مدني بهار اچي ويندي ۽ گُناهن ڀري زِندگي کان ڇٽڪارو ملي ويندو. اچوتہ! اسان بہ پنج نمازون باجماعت پڙهڻ، والدين ۽ تمام مُسلمانن سان حُسنِ سُلُوڪ ڪرڻ، مُسلمانن جي دل آزاري کان بچڻ، ان جو دل خُوش ڪرڻ ، يتيمن تي شفقت ۽ حسبِ اِستطاعت،اهل و عيال جي



www.dawateislami.net

مدني تربيت ڪرڻ ،مسلمانن کي چگين ڳالهين ٻڌائڻ، ان جي پرده پوشي ڪرڻ، مُصيبت تي صَبَر ڪرڻ، ظُلم ۽ زِيادتي، فُحُش گوئي، بُغض ۽ ڪينو، وعده خلافي، ڌوکي ڏيڻ وغيره گُناهن کان بچڻ جي خُود بہ نيت ڪريون تا ۽ ٻين کي بہ بچائيندا سين. اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ. ان کان علاوه دعوتِ اسلامي جي اشاعتي اِداري مڪتبةُ المدينہ جي مطبوعہ بہ ڪتاب "جنّت میں لے جانے والے اعمال" ۽ " جہنّم میں لے جانے والے اعمال" جو مُطالعو ڪريو ۽ نيڪين ۾ رَغْبت ۽ اِستقامت حاصل ڪرڻ جي لاءِ هر مهيني تي (3) ڏينهن جي مدني قافلي ۾ سفر ۽ مدني اِنْعامات تي بہ ڪريو.

## مجلس مدني انعامات جو تعارف:

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنَّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي خواهشن جي عين مُطابق اسلامي ڀائر، اسلامي ڀينرون ۽ جامعاتُ المدينہ و مَدارِسُ المدينہ جا طلبہ ۽ طالبات کي باعمل بنائڻ جي لاءِ، مَدَني اِنعامات تي عمل جي ترغيب ڏيارڻ جي لاءِ تبليغِ قرآن و سُنَّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوتِ اسلامي جي تحت مَجْلِسِ مَدَني اِنْعامات جو قيام عمل ۾ آيو. پاڻ دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه فرمائن ٿا: ڪاش! ٻين فرائض و سُنَّتن جي بجا آوَري سان گڏوگڏ تمام اسلامي ڀائر ۽ اسلامي ڀينرون ان مَدَني انعامات کي بہ پنهنجي زندگي جو دستورُ العَمَل بڻائي وٺن ۽ تمام ذمّہ دارانِ دعوتِ اسلامي بہ پنهنجي پنهنجي حَلْقي ۾ ان (مَدَني انعامات جا رسائل) کي عام ڪن ۽ هر مسلمان پنهنجي قَبَر و آخِرت جي بهتري جي لاءِ ان مَدَني اِنعامات کي اِخلاص سان اپنائي ڪري الله عَزَّوَجَلَّ جي فضل و ڪرم سان جَنّتُ الْفردوس ۾ مَدَني حبيب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم



www.dawateislami.net

جو پاڙيسري بنجڻ جو عظيم ترين انعام حاصل ڪري.“

توهان جي خواهش جي پيشِ نظر مَجلِس مَدَني انعامات جي تمام ذِمّه داران کي تاڪيد ڪئي ويندي آهي ته ذيلي حلقي، حلقي، علاقي، ڊويزن ۽ ڪابينه سطح جي تمام ذِمّه داران ۽ ٻين اسلامي ڀائرن سان گڏوگڏ ذيلي حلقن جو جَدول ٺاهين. اسلامي ڀائرن وٽ وڃي وڃي ڪري اِنفِرَادي ڪوشِش ڪري مَدَني اِنْعامات جو رِسالو پيش ڪندي، ان تي عمل ڪرڻ جو ذهن بنائين، فڪرِ مدينه ڪرڻ جو طريقو سمجهائين، تيار ٿي وڃڻ وارن جا نالا لِکن، ذيلي ذِمّه دار وٽ ذيلي، حلقي ذِمّه دار وٽ حلقي ۽ علائقي/ شهر ذِمّه دار وٽ علائقي/ شهر جي (ذِمّه داران ۽ اهلِ مَحَبّت) اسلامي ڀائر جي فهرست مَوجُود هجي، هي تمام ذِمّه داران، ان اسلامي ڀائرن سان رابطو رکن پوءِ انهن کي فڪرِ مدينه ڪرڻ جي ياد ڏهاني به ڪرائيندا رهن.

اچو ته! اسان به نيڪي جي ڪمن ۾ اڳتي وڌي ڪري حصو وٺون ۽ مدني انعامات تي نه صرف خود عمل ڪريون بلڪ ٻين اسلامي ڀائرن کي ان جي ترغيب ڏياري ڪري بي شمار ثواب ڪمايون!

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## بيان جو خلاصو:

منا منا اسلامي ڀائرو! اڄ اسان اطاعتِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مُتَعلِّق بيان ٻُڌڻ جي سعادت حاصل ڪئي:

- يقينًا هڪ مسلمان جي لاءِ دِين ۽ دنيا جي ڀلايون حاصل ڪرڻ جو بهترين



www.dawateislami.net

نُسَخو اطاعتِ مُصطَفٰي صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ئي آهي.

- پنهنجي سمورن مُعاملن ڪي اطاعتِ مُصطَفٰي صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي سانچي ۾ لاهڻ وارو ئي دُنيا ۽ آخرت ۾ ڪامياب آهي.
- صحابهء ڪرام عَلَيهمُ الرِّضوَان جو مُقدَّس ڪردار به اسان جي لاءِ مَشعل ِ راهِ آهي ته ان هستين به پنهنجي پوري زندگي نبي ڪريم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي اِطاعت ۾ گذاري ڇڏي ۽ حُضُور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جنهن ڪم جو حڪم نه به ڏنو، پوءِ به ان نُفُوسِ قُدسِيه، حُضُور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي هر ادا کي لازِمُ العَمَل ڄاڻيندي اُن تي عمل ڪيو.
- الله عَزَّوَجَلَّ اسان ڪي پنهنجو ۽ پنهنجي حبيب صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو مُطيع ۽ فرمانبردار بڻائي ۽ هر بُري ڪم کان بچڻ جي توفيق عطافرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الاَمِين صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

## ٻارنهن مَدَني ڪمن مان هفتيوار هڪ مَدَني ڪم "هفتيوار اجتماع":

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! گناهن ڀري زِندگي کان تائب ٿي ڪري نيڪي ڪرڻ ۽ نيڪي جي دعوت کي عام ڪرڻ جي لاءِ ذيلي حلقي جي مَدَني ڪمن ۾ اڳتي وڌي ڪري حصّو وٺو. ذيلي حلقي جي ٻارنهن مَدَني ڪمن مان هڪ مَدَني ڪم هفتيوار سُنّتن ڀري اجتماع ۾ اوّل تا آخر شرڪت به آهي. اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ علمِ دِين کان مالامال اهڙي اجتماع ۾ شرڪت جون وڏيون برڪتون آهن. علمِ دين جي محفل ۾ شرڪت جو ثواب ملندو آهي ۽ علمِ دين سکڻ جي فضيلت جي باري ۾ حديث ِپاڪ ۾ آهي ته:

جيڪو شخص علم جي طلب ۾ ڪنهن رستي تي هلي، الله عَزَّوَجَلَّ ان کي



www.dawateislami.net

جَنَّت جي رستي تي وني ويندو آهي ۽ طالبِ علم جي خُوشنودي جي لاءِ فرِشتي پنهنجا پَر وڇائي ڇڏيندا آهن. (سنن الترمذی"،کتاب العلم،باب ماجاء في فضل الفقہ على العبادة، الحديث:٢٦٩١،ج۴،ص٣١٢)۔ **اچو تہ! هفتيوار سُنَّتن پري اجتماع ۾ شرڪت جي هڪ مَدَني بهار پيش ڪريان ٿو.**

پنجاب (پاڪستان) جي شهر چشتيان شريف جي هڪ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي: نمازن کان پري ڀڄڻ، ڏاڙهي ڪوڙائڻ، ماءُ پيءُ کي ستائڻ وغيره وغيره گناهہ منهنجي زندگي جو حصو بڻجي چڪا هئا، گانا باجا ٻڌڻ جو تہ مون کي جنون (يعني چرياڻپ) جي حد تائين شوق هو، طرح طرح جا گانا منهنجي موبائل فون، ڪمپيوٽر ۾ هر وقت موجود رهندا هئا، انٽرنيٽ جي غلط استعمال جي گناهہ ۾ بہ ملوث هئس، جينز (Jeans) جي علاوه ڪنهن ٻي ڪپڙي جي پتلون نہ پائيندو هئس ايستائين جو هڪ ڀيري عيد جي موقعي تي والد صاحب منهنجي لاءِ وڳو سبرايو پر مون اهي پائڻ کان انڪار ڪيو ۽ نفس جي خواهش پوري ڪندي پينٽ شرٽ خريدي ڪئي ۽ عيد جي پُر مَسَرَّت موقعي تي انهيءِ لباس ۾ ملبوس هئس، فيشن جو شوقين هجڻ سبب مون عمامي ۽ ڪُرتي جي باري ۾ ڪڏهن سوچيو بہ نہ هو، منهنجي سُڌرڻ جو سبب ائين ٿيو جو اسان جي مسجد ۾ جيڪي نوان امام صاحب تشريف وني آيا اهي خوش قسمتي سان تبليغ قرآن ۽ سنت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوت اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ هئا، هڪ ڏينهن انهن مون تي انفرادي ڪوشش ڪندي هفتيوار سنتن پري اجتماع ۾ شرڪت جي رغبت ڏياري، انهن جي انفرادي ڪوشش جي ڪري مون هڪ بہ ڀيرا هفتيوار سنتن ڀريي اجتماع ۾ شرڪت ڪري ورتي، هڪ ڏينهن انهن منهنجي والد صاحب کي دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري **مكتبة المدينہ** جي



www.dawateislami.net

جاري ٿيل سنتن ڀري بيان جو ڪيسيٽ ”مڙدي جي بي بسي“ تحفي ۾ ڏني، الله عَزَّوَجَلَّ جي رحمت سان هڪ رات مون کي اهو بيان ٻڌڻ جي سعادت حاصل ٿي، اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ هن بيان جي برڪت سان منهنجي دل جي دنيا بدلجي وئي، خاص ڪري هن جملي ”انسان مرڻ کان پوءِ اونداهي قبر ۾ لاٿو ويندو گاڏي هوندي ته اها به گيرج ۾ بيٺل رهجي ويندي“ منهنجي دل ۾ مدني انقلاب برپا ڪري ڇڏيو، اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ مون هٿو هٿ پنهنجي گناهن کان توبه ڪئي، پنهنجو موبائل ۽ ڪمپيوٽر به گانن جي نحوستن کان پاڪ ڪري ڇڏيو ۽ دعوت اسلامي جي مدني ماحول سان وابسته ٿي ويس، هن مدني ماحول مون کي بلڪل بدلائي ڇڏيو، مون پنهنجي چهري تي پياري پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي محبت جي نشاني ڏاڙهي شريف ۽ مٿي تي عمامي شريف جو تاج سجائي ورتو ۽ سنت جي مطابق مدني لباس به سجائي ورتو، اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ تادم تحرير مان يونيورسٽي جي هاسٽل ۾ دعوت اسلامي جي شعبهءِ تعليم جي ذميدار جي حيثيت سان مدني ڪمن جون ڌومون مچائڻ جي ڪوشش ۾ مصروف آهيان.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نُبوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.

(مشڪوٰة ج 1 ص 55 حديث 175)



www.dawateislami.net

سینہ تری سنّت کا مدینہ بنے آقا
جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ”اِثمِد“ جي چئن اکرن جي نسبت سان سرمو لڳائڻ جا چار مدني گل

﴿1﴾ ”سننِ ابن ماجه“ جي روايت ۾ آهي: ”سيني سرمن مان بهتر سرمو ”اِثمِد“ آهي جو اهو نظر کي روشن ڪري ۽ پلڪون وڌائي ٿو“. (ابن ماجہ، حديث 3497 ج 4 ص 115) ﴿2﴾ پٿر جو سرمو استعمال ڪرڻ ۾ حرج ناهي ۽ ڪارو سرمو يا ڪجل زينت جي قصد (يعني زينت جي ارادي) سان مرد کي لڳائڻ مڪروه آهي ۽ زينت جو ارادو نہ هجي تہ ڪراهت ناهي. (عالمگيري ج 5 ص 359) ﴿3﴾ سرمو سمهڻ وقت استعمال ڪرڻ سنّت آهي. (مِراٰۃ المناجيح ج 6 ص 180) ﴿4﴾ سرمي استعمال ڪرڻ جي ٽن منقول طريقن جو خلاصو پيش خدمت آهي: (1) ڪڏهن ٻنهي اکين ۾ ٽي ٽي سرائيون (2) ڪڏهن ساڄي اک ۾ ٽي ۽ کاٻي ۾ ٻہ، (3) تہ ڪڏهن ٻنهي اکين ۾ ٻہ ٻہ ۽ وري آخر ۾ هڪ سرائي کي سرمي واري ڪري ان کي واري واري سان ٻنهي اکين ۾ لڳايو. (شعب الايمان ج 5 ص 218، 219) اهڙي طرح ڪرڻ سان اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ ٽنهي طريقن تي عمل ٿيندو رهندو. ياد رکو! تعظيم جا جيترا بہ ڪم هوندا هئا اسان جا پيارا آقا صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ساڄي پاسي کان شروع ڪندا هئا، تنهنڪري پهريان سرمو ساڄي اک ۾ پوءِ کاٻي اک ۾ پايو.

هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ مڪتبة المدينہ جا شايع ٿيل بہ ڪتاب 312



www.dawateislami.net

صفحن تي مشتمل ڪتاب ”بہارِ شریعت“ حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب ”سنتیں اور آداب“ هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

رہوں ہر دَم مسافِر کاش ”مَدَنی قافلوں“ کا میں
کَرَم ہو جائے مولا گر! عنایت یہ بڑی ہو گی

(وسائلِ بخشش،٣٩٣)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد



www.dawateislami.net

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

## (1) جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

## (2) سمورا گُناہ مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينہ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تہ ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناہ معاف ڪيا ويندا.[2]

---

[1]...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

[2]...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65



www.dawateislami.net

## (3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[3]

## (4) ڇهه لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي عَلَيهِ رَحمَةُ اللهِ الهَادِی ڪن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[4]

## (5) قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَ تَرضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو ته حُضُورِ اَنور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنهُم کي تَعَجُّب ٿيو ته اهو مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو ته سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي ته هيئن پڙهندو آهي.[5]

---

[3]...القول البديع، الباب الثانی، ص277،

[4]...افضل الصلوات علی سید السادات، الصلاة الثانیة والخمسون، ص149

[5]...القول البديع، الباب الاول، ص125



www.dawateislami.net

## (6) دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[6]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

### (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءَ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[7]

### (2) جڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْمِ

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، الله عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو جڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. (ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

---

[6] … الترغيب والترهيب، ج ٢، ص ٣٢٩، حديث ٣١

[7] … مجمع الزوائد،ڪتاب الادعية،باب فی ڪيفية الصلاة…الخ،254/10،حديث:17305



www.dawateislami.net